SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر LXVIII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LXVIII OF 1984

# سنڌ قانونن جي (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. ڪن قانونن جي ترميم
Amendment of certain laws

# سنڌ آرڊيننس نمبر LXVIII مجريہ 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LXVIII OF 1984

# سنڌ قانونن جي (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[31 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي اسلامي معيشت کي متعارف ڪرڻ لاءِ ڪجهہ مالي قانونن ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اسلامي معيشت کي متعارف ڪرڻ لاءِ ڪجهہ مالي قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977ع پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هينئيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ قانونن جي (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

ڪن قانونن جي ترميم
Amendment of

2. شيڊول جي ڪالم 2 ۾ ڄاڻايل قانونن کي ترميم ڪيو ويندو ۽ ڄاڻايل شيڊول جي هر هڪ سامهون ڪالم 3 ۾ ڄاڻايل طريقي موجب ترميم ڪئي ويندي.

certain laws

## شيڊول

(ڏسو دفعہ 2)

| جريان نمبر | قانونن جو مختصر عنوان | ترميم |
|---|---|---|
| .1 | استيمپ ايڪٽ، 1899 (1899 جو II) | دفعہ 9 ڪانپوءِ هيٺيون نئون دفعہ شامل ڪيو ويندو، يعني: "9A. ڪجهہ قانوني دستاويزن تي چوٽ ڏيڻ جو اختيار: صوبائي حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، لگان يا قانوني دستاويزن جي پورن يا ڪجهہ حصن جي ادائيگي سان مستثنيٰ قرار ڏئي سگهي ٿي، جن ڪي ڪنهن بينڪنگ ڪمپنيءَ بينڪ ڪاري جي عام طريقي لاءِ استعمال ڪيو هجي. وضاحت: هن دفعہ جي مقصد لاءِ "بئنڪنگ ڪمپني" ڪي اها ساڳئي معنيٰ هوندي جيڪا ان ڪي بئنڪنگ ٽربيونلس آرڊيننس، 1984 ۾ ڏنل آهي.". |
| .2 | سنڌ ڪوآپريٽو | 1.دفعہ 3 ۾ شق (bb) ڪانپوءِ |

| | | |
|---|---|---|
| | سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 | هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي، يعني:<br>"(bbb) "قرض" ۾ شامل آهي مالياتي جيئن بئنڪنگ ٽربيونلس آرڊيننس، 1984 ۾ چاٽايل آهي، ۽ سمورا لاڳاپيل اظهار انهيءَ ريت ورتا ويندا؛".<br>2.دفعہ 26 ۾، لفظن "۽ ڏاڪا" کي ختم ڪيو ويندو.<br>3.دفعہ 32 ۾:<br>(i)حاشيءَ ۾ ڏنل نوٽ ۾ لفظن "۽ ڊبينچر" کي لفظ "وغيره" سان متبادل بڻايو ويندو.<br>(ii)شق (2) ۾:<br>(a)لفظ "ڊبينچر" ۽ لفظ "جاري ڪيل" وچ ۾ لفظ ۽ ڪامائون "حصو وٺڻ جي شرطن جو سرٽيفڪيٽ، ٽرم فنانس سرٽيفڪيٽ، مشريڪ سرٽيفڪيٽ، مدرابا سرٽيفڪيٽ ۽ اهڙا قانون دستاويزات جيئن اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان منظوري ڏني وجي" کي شامل ڪيو ويندو. |

| | | |
|---|---|---|
| | | (b) لفظن "اهڙا ڊيبينچرز" لاءِ لفظن "اهڙا قانوني دستاويزات" کي متبادل بڻايو ويندو.<br>(iii)ذيلي دفعہ (3) ۾ لفظ "ڊيبينچرز" ءِ لفظ "جاري ڪيل" وچ ۾ لفظن ءِ ڪامائن "حصو ونڊ جي شرطن جو سرٽيفڪيٽ، ترم فنانس سرٽيفڪيٽ، مشريڪ سرٽيفڪيٽ، مداربہ سرٽيفڪيٽ اهڙيون ٻيا قانوني دستاويزات جن جي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان منظوري ڏني وڃي" شامل ڪيا ويندا.<br>4.دفعہ 33 ۾ جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظ "وياج" ءِ لفظ "تي" وچ ۾ لفظن "يا واپسي" کي شامل ڪيو ويندو.<br>5.دفعہ 33A ۾:<br>(i)حاشيءَ ۾ نوٽ ۾، لفظ "وياج" کانپوءِ لفظن "يا واپسي" کي شامل ڪيو ويندو. |

| | | |
|---|---|---|
| | | (ii)لفظ "وياج" ۽ لفظ "ڪانپوءِ" وچ ۾ لفظن "يا واپسي" کي شامل ڪيو ويندو.<br>6.دفعہ 50 جي شق (h) ۾، لفظ "وياج" ۽ لفظ "ڪان" وچ ۾ لفظن "يا واپسي" کي شامل ڪيو ويندو.<br>7.دفعہ 50A جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظ "وياج" ۽ لفظ "تي" وچ ۾ لفظن "يا واپسي" کي شامل ڪيو ويندو.<br>8.دفعہ 59 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق (e) ۾، لفظ "وياج" لاءِ لفظن "وياج يا واپسي" کي متبادل بڌايو ويندو.<br>9.دفعہ 71 جي ذيلي دفعہ (2) ۾:<br>(i)شق (x) ۾ لفظ "ڊبينچرز" ۽ لفظ "يا" وچ ۾ ڪامائن ۽ لفظن "حصو وٺڻ جي شرطن جو سرٽيفڪيٽ، ٽرم فنانس سرٽيفڪيٽ، مشريڪ سرٽيفڪيٽ، مدربہ سرٽيفڪيٽ ۽ اهڙا ٻيا دستاويزات جن جي اسٽيٽ |

| | | |
|---|---|---|
| | | بئنڪ آف پاڪستان طرفان منظوري ڏني وئي هجي" ڪي شامل ڪيو ويندو.<br>(ii)شق (ee) ۾ لفظن "ڊيبينچرز تي ويا ج" لاءِ لفظن "دلچسپي يا واپسي شق (x) جي حوالي سان قانوني دستاويزات تي" ڪي متبادل بڌايو ويندو. |
| 3. | سنڌ فنانس ايڪٽ، 1963 | 10.دفعہ 16 جي ذيلي دفعہ (1) جي ٻئي شرطيہ بيان ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ جي جڳهہ تي ڪولن ڪي متبادل بڌايو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيان وڌيڪ شرطيہ بيان وڌايا ويندا، يعني:<br>"بشرطيڪ وڌيڪ تہ بئنڪنگ ڪمپني ڪي يا طرفان ڪنهن غير متحرڪ ملڪيت جي اسائنمينٽ، ري اسائنمينٽ، وڪري يا منتقلي جي فائدي يا حاصلات تي اسائن، ري اسائن، وڪري يا منتقلي جي سلسلي ۾ ڪا ٽيڪس نہ لڳائي ويندي، جيئن معاملو هجي، ان جي صارف جي اڪائونٽ تي، يا |

| | | |
|---|---|---|
| | | ان سلسلي ۾، بئنڪنگ ڪمپني طرفان ان جي صارف کي فراهم ڪيل رقم جي سلسلي ۾؛<br>بشرطيڪ اهو به ته فورسڊ سيل جي صورت ۾ ان تي ڪا به چوٽ لاڳو نه ٿيندي.<br>وضاحت: ٿئين شرطيه بيان جي مقصد لاءِ:<br>(i)اظهار 'بئنڪنگ ڪمپني' 'صارف' 'رقم' کي ساڳيون معنائون هونديون جيئن انهن کي بئڪنگ ٽربيونلس آرڊيننس، 1984 ۾ ڏنيون ويون آهن؛<br>(ii)بئنڪ ڪمپني طرفان جاري ڪيل هن حوالي سان ڏيتي ليتيءَ وارو سرٽيفڪيٽ شرطيه بيان جي روشنيءَ ۾ درست ڄاتو ويندو. |
| 4. | سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز ءِ ڪو آپريٽو بئنڪس (قرضن جي ٻيهر ادائگي) | 11.دفعه 2 جي شق (f) ۾:<br>(a)هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:<br>"(i) فنانس جيئن بئنڪنگ ٽربيونلس آرڊيننس، 1984 ۾ |

| | | |
|---|---|---|
| | آرڊيننس، 1966 | جاڻايو ويو آهي ۽ سمورا لاڳاپيل اظهار ايئن ورتا ويندا.".<br>(b)موجود ذيلي شقن (i)، (ii) ۽ (iii) کي ذيلي شقن (ii)، (iii) ۽ (iv) طور ترتيبوار پيهر نمبر ڏنو ويندو. |

**نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**